SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ آرڊيننس نمبرVIII مجريه1990

SINDH ORDINANCE NO.VIII OF 1990

سنڌ ملازم اسپيشل الائونس (ادائگي) (ترميم) آرڊيننس، 1990

THE SINDH EMPLOYEES SPECIAL ALLOWANCE (PAYMENT) (AMENDMENT) ORDINANCE, 1990

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. 1986 جي سنڌ ايڪٽ X ۾ ترميم
Amendment in Sindh Act X of 1986

3. 1986 جي سنڌ ايڪٽ X ۾ دفعہ 3_A جي شموليت
Insertion of Section 3_A of Sindh Act X of 1986

سنڌ آرڊيننس نمبرVIII مجريه1990

SINDH ORDINANCE NO.VIII OF 1990

سنڌ ملازم اسپيشل الائونس (ادائگي) (ترميم) آرڊيننس، 1990

THE SINDH EMPLOYEES SPECIAL ALLOWANCE (PAYMENT) (AMENDMENT) ORDINANCE, 1990

[31 ڊسمبر 1990]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ ملازم اسپيشل الائونس (ادائگي) ايڪٽ، 1986 ۾ وڌيڪ ترميم ڪئي ويندي.

جيئن ته سنڌ ملازم اسپيشل الائونس (ادائگي) ايڪٽ، 1986 ۾ وڌيڪ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي:

تمهيد (Preamble)

۽ جيئن ته صوبائي اسيمبلي جو اجلاس هلندڙ نه آهي ۽ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي ته موجوده حالتن ۾ هنگامي قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

هاڻي، تنهن ڪري، اسلامي جمهوريه پاڪستان جي عبوري آئين جي آرٽيڪل 128 جي شق (1) تحت مليل اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي، سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي؛

مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

1.(1)هن آرڊيننس کي سنڌ ملازم اسپيشل الائونس (ادائگي) (ترميم) آرڊيننس، 1990 سڏيو ويندو.

(2)اهو فوري طور لاڳو ٿيندو ۽ پهرين ڊسمبر 1990 تي ۽ ان کانپوءِ لاڳو سمجهيو ويندو.

1986 جي سنڌ ايڪٽ X ۾ ترميم

2.سنڌ ملازم اسپيشل الائونس (ادائگي) ايڪٽ، 1986 ۾، جنهن کي هن کانپوءِ ڄاڻايل ايڪٽ سڏيو ويندو، لفظ "اسپيشل الائونس"

جتي به اڇن لفظ "۽ ايڊيشنل اسپيشل الائونس" شامل ڪيا ويندا.

Amendment in Sindh Act X of 1986

1986 جي سنڌ ايڪٽ X ۾ دفعہ 3_A جي شموليت

Insertion of Section 3_A of Sindh Act X of 1986

3.ڄاڻايل ايڪٽ ۾، دفعہ 3 کانپوءِ هيٺين نئين دفعہ 3_A شامل ڪئي ويندي:

"3_A.هر ملازم جنهن جي ويجز به هزار پنج سئو ۽ پنجاسي رپيا ماهوار کان وڌيڪ نہ هجي ان جي ملازمت جي مد ۾ پهرين ڊسمبر، 1990 تي يا ان کانپوءِ، ان کي سندس ايمپلائر طرفان ايڈيشنل اسپيشل الائونس ادا ڪيو ويندو:

(a) به سئو رپيا ماهوار برابر، جيڪڏهن سندس ويجز به هزار پنج سئو ۽ پنجاسي رپيا ماهوار کان وڌيڪ نہ هجي؛ يا

(b)اهڙي اگهہ تي، ان جي ويجز سان گڏ، به هزار ست سئو ۽ پنجاسي رپيا ماهوار جو ٽوٽل ٿئي، جيڪڏهن سندس ويجز به هزار پنج سئو ۽ پنجاسي رپيا ماهوار کان وڌيڪ آهن تہ پوءِ:

بشرطيڪ اهو تہ ايڊيشنل اسپيشل الائونس ادائگي لائق رقم جي برعڪس ڏنو ويندو:

(a)رليف طور ڪنهن معاهدي ۾ رهندي رقم جي وڌڻ تي يا سيٽلمينٽ پهتو هجي، يا انڊسٽريل رليشنز آرڊيننس، 1969 تحت ڪو ايوارڊ ڏنو ويو هجي پهرين ڊسمبر، 1990 تي يا ان کانپوءِ؛ ۽

(b)معاهدي يا پهتل سيٽلمينٽ تحت ۽ پهرين ڊسمبر، 1990 تي لاڳو، جنهن تحت ملازم ڪوسٽ آف لونگ ۾ واڌ جي بنياد تي ريگيولر انٽرولز ۾ واڌارو حاصل ڪن".

نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.